# سنڌي ۽ ٿري

مرلي. ڊي. ڀاوناڻي

سنڌي اڪادمي، دهلي

Dr. Ghulam Ali Allana
Prof. of Emeritus

सिंधी भाषा, साहित्य, इतिहास और संस्कृति पर इससे पूर्व हुए

# विशेष व्याख्यान

*1. वैदिक सभ्यता और पुरातत्व
-- डॉ॰ भगवान सिंह

*2. सिंधी भाषा का उद्भव और विकास
-- डॉ॰ मुरलीधर कृष्णचन्द्र जैतली

3. सिंधी और हिंदी : आदान-प्रदान
-- डॉ॰ मोतीलाल जोतवाणी

4. Similarities in Sindhi and Dravidian Languages
-- Dr. Parso Jessaram Gidwani

5. Status of Sindhi in Multilingual India
-- Prof. C.J. Daswani

6. सिंध और कच्छ-काठियावाड़ के पारस्परिक संबंध
-- श्री जयंत रेलवाणी

*7. Sindhi and Pali
-- Prof. N.H. Samtani

8. सिंधी लोक-साहित्य
-- डॉ॰ नारायण भारती

9. हिंदी और सिंधी : व्यतिरेकी व्याकरण और लिपि के विशेष संदर्भ में
-- डॉ॰ पीताम्बर

10. Alexander's Waterloo in Sindhi
-- Shri K.R. Malkani

---

* तारांकित व्याख्यान पुस्तिका-रूप में प्रकाशित नहीं हुए हैं।

ISBN 81-900703-9-8

# सिंधी ऐं थरी

लेखक : **डॉ॰ मुरली डी॰ मावनाणी**
प्रकाशक : **सिंधी अकादमी, दिल्ली**
डी॰ डी॰ ए॰ कम्यूनिटी सेंटर,
सदर थाना रोड, पहाड़गंज,
नई दिल्ली-110055
फ़ोन : 7770319, 3553392
सर्वाधिकार : सिंधी अकादमी, दिल्ली
संस्करण : पहला, 1997

लेज़र टाईपसेटिंग: **पीयूष कम्प्यूटर**, सी-1, दयानन्द कालोनी,
लाजपत नगर, नई दिल्ली-110024
मुद्रक : **मयूर कम्प्यूटर्स एण्ड प्रिंटर्स**, सी-5,
दयानन्द कालोनी, लाजपत नगर, नई दिल्ली-24

# سِنڌي ۽ ٿَري

اَڄ جي ڀاشڻ جو وِشيہ آهي ”سِنڌي ۽ ٿَري“ يعنيٰ اَسان کي ڏِسڻو آهي تہ سنڌي ٻولي ۽ ٿري ٻولي ڪنهن کي ٿا چَوَنِ ۽ اِنهن ٻنهي ٻولين جي ڀيٽ ڪري سندن هِڪَٻِئي سان ڦيرڦار ۽ تفاوت جي ڳڻ ڳوت ڪري اِهو ٻُڌائڻو آهي تہ ٻنهي ٻولين هِڪ ٻئي تي ڪهڙو ۽ ڪيترو اثر ڪيو آهي. اِهي اَثر ڪهڙي ڪارڻ ٿِيا آهِن، اِهو پڻ جاچڻو آهي.

سَماج ۾ رهندي اَسين جيڪي ڪجهہ پنهنجي وات مان اُچاريون ٿا، اُنجو مطلب جيڪِڏهن ٻُڌڻ واري کي اُن ريت ئي سمجهہ ۾ ٿو اچي جئن اَسين سمجهائڻ چاهيون ٿا تہ اُنکي اَسين اُنهن جي ٻولي چونداسين. اَسين چاهي سماج جي ڪنهن هِڪڙيءَ جماعت سان يا هِڪ کان وڌيڪ جماعتن سان واسطو رکندا هُجون، پر هر حالت ۾ ٻولي ئي اسانکي ان جماعت يا جماعتن جي فردن سان ڳنڍي ٿي. در اصل ٻولي ڪنهن هِڪڙي سماج جي سمورين ڪارگذارين کي ظاهر ڪرڻ لاءِ تمام سُٺو واهڻ آهي. سماج ۾ رهندڙن ماڻهن جا گهر، اُنهن جون پوشاڪون، سجاوٽ جو سامان، اُنهن جا ويچار ۽ وهنوار، اُنهن جو ڌرم ۽ قانون، وغيره جيڪي ڪجهہ آهي اُن جو ورڻن ٻوليءَ ذريعي ئي ٿئي ٿو. جيڪڏهن ٻولي نہ هجي تہ هوند اسانکي اِنهن سڀني جي ڪابہ ڄاڻ نہ رهي. هي سڀئي شيون سڀيتا جو حِصو آهن. تنهنجي معنيٰ تہ ٻولي سماج جي سڀيَتا کي ظاهر ڪرڻ جو واهڻ آهي. ٻوليءَ جي اَڀياس ذريعي ئي ڪنهن قوم يا سماج جي هاڻوڪيءَ حالت يا اُنجي اڳاٽيءَ حالت جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهون ٿا. ڪنهن بہ سماج جي سڀيَتا جي اوسر ۾ اُن سماج جو ڪيتر، تاريخ، ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، سندن سوچ ۽ سرگرمِيون، سندن علم

۽ اَدب، وغيره سيني جو وڏو هٿُ آهي. انهن جي اوسر موجب ئي سنڌ ٻوليءَ جي اوسر به ٿئي ٿي. اِنڪري ٻوليءَ جي اوسر ڄاڻڻ لاءِ آسان لاءِ لازمي ٿيندو ته اَسين اُنهن سيني ڳالهين تي ويچار ڪريون. جيتوڻيڪ سِنڌي ٻوليءَ جون لِکيتون يا سِنڌي لِکيتن جي باري ۾ بيان يارهين عيسوي صديءَ جا مِليا آهِن، جڏهن هاڻوڪيون يارتي ٻولِيون وجود ۾ اَچي چُڪيون هُيون تڏهن به اِن ۾ شڪ نه آهي ته سِنڌي ٻولي گهڻي آڳاٽي آهي. ويدن ۾ به سِنڌيءَ جو ورڻن آهي: بلڪِ ڪيترن سِنڌي لفظن جو بُڻ بُنياد سنسڪرتُ ٻوليءَ ۾ مِلي ٿو. موئن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان اِهو ظاهر ٿي چُڪو آهي ته سِنڌي ٻولي اُن وقت جي سماج جي ٻولي هئي.

## سنڌي ٻوليءَ جي اوسر

ڄاڻڻ جو رايو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جا شروعاتي اُهڃاڻ موئن جي دڙي واريءَ سڀيتا ۾ مِلن ٿا. موئن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان جيڪي ڪجهه حاصل ٿيو آهي اُن مان اهو معلوم ٿو ٿئي ته سِنڌيُن کي اُن وقت پنهنجي شاهڪار ٻولي هُئي. چون ٿا ته پرلئه وقت اُتر هِندُستان وارو سمورو حِصو سَمُنڊ اندر هئو. جڏهن زلزلن ڪارڻ سَمُنڊ هٽي خشڪيءَ کي جڳهه ڏني، ته اُتر هِندُستان جو ڳپل حصو، جنهن ۾ سِنڌ به هئي، سمنڊ کان ٻاهر نِڪري آيو. اُن وقت جيڪي اِنسان اُن خشڪيءَ واري ٽڪر تي اَچي رهڻ لڳا اُهي هاڻوڪن ڪولن ۽ سنٿالن جا اَبا ڏاڏا هئا. اِن جي ثابتي اَسانکي موئن جي دڙي جي کوٽائيءَ ما مِليَلن ڪولن ۽ سَنٿالن جي لاشن (هڏائان پڃرا) مان مِلي ٿي. تنهن کان سَواءِ هُنن جي ٻوليءَ جا ڪجهه نِشان اَڄ به اَسانجيءَ ٻوليءَ ۾ مِلن ٿا. اَسانجا هاري ناري ۽ اَڻپڙهيل اَڪثر اَنگن ڳڻڻ وقت ويه ويه ڪري ڳڻيندا آهن ۽ اُنکي ويهه يا ڪوري چوندا آهن. ٽي ويهون يا ٽي

ڪوريون يا جهڙي سٽ تهڙيون ٽي ويهون، يا پنجاهہ لاءِ اَڍائي ڪوريون، وغيره اهڙا ئي مِثال آهن. تنهن کان سواءِ سِنڌيءَ ۾ آوازن مان جُڙيل لفظ جهڙوڪ ڀَڻ ڀَڻ ، مِيائو مِيائو، چون چون، ٽِڪلو ٽِڪلو، گِهٽ گِهٽ، جهٽ جهٽ، ٽڪ ٽڪ، ٽڪا ٽوڪي، ٽاٽا بہ اَسانکي ڪولن جي اَثر ڪري ئي حاصل ٿيا آهن.

ڪول ۽ سَنٿال سِنڌ ۾ ڪيئن پهتا اِن باري ۾ رايو آهي تہ جنهن وقت اُتر هِندستان سمنڊ اَندر هئو، اُن وقت ڏکڻ هِند وارو پاسو خشڪيءَ رستي اَفريڪا، سِلون (شري لنڪا) ۽ آسٽريليا سان ڳنڍيل هئو. اُتان ڪول ۽ سَنٿال چين وِلائت واري رستي کان آسام ۽ بينگال ڏي آيا ۽ پوءِ سمنڊ هٽي وڃڻ ڪري، اُتر هِندستان ۾ جڳهہ ميسر ٿيڻ ڪري، اُن طرف ڦهلجي ويا ۽ پوءِ اُتر ۽ وچ هندستان مان ٿيندا سِنڌ ۾ آيا جِتي ڏاڍو ڪري ويٺا. اِن سموريءَ واٽ تي جيڪي ٻوليون چالو آهن، اُهي آسٽريليا طرف جي ٻولين جي خاندان، آسٽرڪ فئمليءَ ( Austric Family ) جي هڪ شاخ ليکجن ٿيون. اُن وقت جيڪا ٻولي سِنڌ جا ماڻهو ڳالهائيندا هئا، اُنجو روُپ اَڄڪالهہ ڇوٽاناگپور طرف رهندڙ ڪول ۽ سَنٿالن جي ٻوليءَ سان مِلي ٿو. سِنڌيءَ سان لاڳاپي جو هِڪڙو ٻيو مِثال بہ آهي تہ سَنٿالن جي ٻوليءَ ۾ هِڪَ ئي لفظ ۾ ڪيئن پُڇاڙيون ڳنڍي ي، فعلن ۽ ضميرن جا مرڪب روپ جوڙيِ، هِڪَ ئي لفظ جو پوُرو جُملو ٺاهيندا آهِن. اِهو ڍنگ اَسانکي سنسڪرت ۽ سِنڌي، ٻنهي ٻوليُن ۾ مِلي ٿو.

ڪولن ۽ سنٿالن کان پوءِ دراوڙ لوڪ هِندستان ۾ آيا. هنن جي آمَد جي باري ۾ ٻن قسمن جا رايا آهن. ڪِن جو چوڻ آهي تہ هُنن جا وڏا، آرين وانگر، وچ ايشيا ۾ يوُنانِ سَمُنڊ (Mediterranian Sea ) واري ايراضيءَ کان ، ميسوپوٽيمِيا ۽ بلوچستان رستي هتي پهتا ۽ سڄي هندستان ۾ پکڙجي ويا. اُنجي

لوڪن کي پنهنجو ڪو ڌرم يا ٻولي ڪان هئي، اِنڪري هنن ٻڌ ڌرم اختيار ڪري پالي ٻوليءَ کي زور وٺايو. هنن جي ئي ٽل تي ڪروشنيءَ ۾ لکاوت موئن جي دڙي مان ملي آهي.

موريا گهراڻي بعد وچ هندستان ۾ گپتا گهراڻو برپا ٿيو ته هنن سنڌ به پنهنجي قبضي ۾ ڪئي. اِنڪري سنڌ ۾ براهمڻن جو زور وڌيو. گپتا گهراڻي جي راڄ جي وقت ۾ عيسوي سن ٢٢٠ کان وٺي اٽڪل ١٢٥ سالن تائين ملڪ ۾ صلح ۽ شانتي هئي. هن عرصي ۾ دربار جي نون رتنن ڪوي ڪاليداس وغيره سنسڪرت ۾ ڪيترا ئي ڪتاب لکيا ۽ ٻين ڪلائن کي به همٿايو. سن ٣٣٠ ۽ ٤٤٠ واري عرصي ۾ هوڻ لوڪن هندستان جي ڪيترن علائقن تي پنهنجو راڄ قائم ڪيو. هوڻن ۾ گرجر، اهير، وغيره ڪيتريون ئي قومون شامل هيون. هوڻن سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جي حڪومت شروع ڪئي. هوڻ اصل شودر هئا، پر پوءِ براهمڻن هنن کي شڌ ڪري کتري بڻايو. اِن بعد هو پاڻ کي اگني ڪل وارا چوائڻ لڳا. راءِ گهراڻي جو راڄ سن ٤٩٥ ع کان وٺي ٦٣٢ ع تائين رهيو. هِن گهراڻي جي آخرين راجا راءِ سهاسي ٻئين کان حڪومت سندس وزير چاچ نالي براهمڻ حرفت سان هٿ ڪئي ۽ اُن وقت کان سنڌ تي برهمڻ گهراڻي جو راڄ شروع ٿيو. سن ٧١١ ع ۾ جڏهن برهمڻ گهراڻي جي راجا ڏاهرسين جو راڄ هئو، عربن جي محمد بن قاسم سنڌ تي ڪاه ڪري اُن کي پنهنجي قبضي هيٺ آندو. پر عربن جي حڪومت ديرپا نه رهي، ڇاڪاڻ ته مڪاني راڄوڙن عربن جو راڄ پنهنجي قبضي ۾ آندو. اِنهيءَ عرصي ۾ ئي ٿر ۾ به

| فارسي | | سنڌي | فارسي | | سنڌي |
|---|---|---|---|---|---|
| پالان | - | پلاڻ | شگون | - | سڳڻ |
| پيرهن | - | پهراڻ | كان | - | کاڻ |
| نيام | - | مياڻ | پنجه | - | چنبو |
| جوج | - | چوزو | مرهم | - | ملم |

| فارسي اڳياڙي | | سنڌي لفظ |
|---|---|---|
| در | - | دراصل |
| بي | - | بيوقوف، بي وقت |
| با | - | باوفا، باعزت |
| نا | - | نالائق |
| بد | - | بدبخت، بدنصيب، بدصورت |
| بر | - | بروقت، برطرف |
| كم | - | كمبخت، كمفهم |

| فارسي پڇاڙي | | سنڌي لفظ |
|---|---|---|
| باز | - | دغاباز. |
| دان | - | قلمدان، شمعدان |
| گار | - | خدمتگار، پرهيزگار، آبادگار |
| انداز | - | نظرانداز |
| مند | - | ضرورتمند، صحتمند |
| آر | - | گفتار، رفتار، ديدار |
| دار | - | جوابدار، عهديدار، مالدار |
| سار | - | خاكسار |
| گي | - | شرمندگي، آسودگي |

ٻيا مركب لفظ آهن روزوشب، صبح و شام، بحر وبر، آمدورفت، گفت و شنيد، درج به درج، سال بسال، وقت بوقت، در به در، روز بروز.

ٻوليءَ تي گجراتيءَ جو اثر پڻ هئو. جڏهن سوڍن امرڪوٽ هٿ ڪيو تہ ٿري ٻوليءَ سان لڙه وچڙ ۾ اچڻ ڪاڻ ٿريءَ ۾ گجراتيءَ جا لفظ پڻ اچي ويا.سوڍن جي حڪومت امرڪوٽ تي ١٤٣٩ع کان ١٧٠٩ع تائين رهي. پوين ڏينهن ۾ هو ڪڏهن سنڌ جي بادشاهہ تہ ڪڏهن دهليءَ جي بادشاهہ جا نالي ماتر تابعدار ٿي رهيا ۽ ڪڏهن وري اُنهن جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي خودمختيار ٿي رهيا.

١٧٠٩ع ۾ دهليءَ جي بادشاهہ شاهہ عالم امرڪوٽ جو علائقو جوڌپور جي راجا اجيت سنگ کي ڏنو. پر جلدي سوڍن اِهو علائقو پنهنجي قبضي هيٺ آندو. هُنن کان وري نورمحمد ڪلهوڙي امرڪوٽ جو قلعو هٿ ڪيو. پر رعيت سوڍن کي ئي حاڪم مڃڻ لڳي. اِنڪري لاچار ٿي هن ڪجھ ڍل ڀري سوڍن کي ملڪ واپس ڪيو.

١٧٨٢ع ۾ جڏهن مِيان عبدلنبي ڪلهوڙي، مير فتح علي خان سان جنگ جوٽڻ لاءِ جوڌپور جي راجا ٻڄيہ سنگ کان مدد گهري تہ اِن مدد جي بدلي هُن کي امرڪوٽ جو قلعو ۽ پرڳڻو ڏنائين. جوڌپور جي راجا اُتي پنهنجا صوبا مُقرر ڪيا. سن ١٨١٣ع تائين ٿر جو علائقو جوڌپور جي راجا جي هٿ ۾ رهيو.

جيستوڻڪ ميرن جوڌپور جي راجا سان عهدنامو ڪيو تہ هو امرڪوٽ ۽ هُن سا لاڳو علائقي تي پنهنجو حق نہ ڄاڻائيندا، پر سن ١٨١٣ع ۾ جڏهن مارواڙ ۾ ڏڪر پيو تہ جوڌپور جو راجا پنهنجي صوبيدار کي حڪومت هلائڻ لاءِ پيسا نہ پهچائي سگهيو. اِنڪري امرڪوٽ جي قلعي ۾ رسد ۽ بارود گهٽجي ويا. اُن حالت جو فائدو وٺي مير ڪرم علي خان امرڪوٽ جو علائقو هٿ ڪيو. هُن

| | | |
|---|---|---|
| مهانجو، مانجو | مانجو | مارو |
| او | او | تيئو |
| اوئيرو | اُويرو | - |
| اوئانرو | اُوانرو | - |
| هٿ | هٿ | هاٿ |
| انک | انک | آنک |
| پيسو | بئسو | تيسو |
| سونو | سون | سوڻ |
| رپو | رپو | رُپُ |
| پاپ | باپ | باپ |
| لگائي | لگائي | - |
| وهو | وهو | وهو |
| ڪوڻ | ڪوُڻ | ڪُڻ/ڪَوڻ |
| پڻ | پڻ | پڻ |
| ڪوئيني | ڪوني | - |
| ٻڙد | بلڊ | ٻڙد |
| هون ماراڻ | هون ماران | هون مارُن |
| ڳيو | ڳيو | ڳيو |
| وارتا | - | وأرتا |
| رمڻ | - | رموُن |
| ويهلو | - | وهيلو |
| پاڇي | - | پاڇي |
| جيمڻ | - | جيموُ |
| سيرڻ | - | سيلوُ |
| ياتريائي | - | يتريائي |
| بيباڻ | - | ويوڻ/ويواڻ |

وينديون آهن.ساڳي حالت ٿريءَ جي به آهي. پر فرق اهو آهي ته سنڌيءَ ۾ اِسم جي اهڙن روپن ۾ جمع ۾ ڪو فرق نه هوندو آهي جڏهن ڪِ ٿري ٻوليءَ ۾ اهڙن روپن لاءِ فرق نظر اچي ٿو. مثال طور :-

| سنڌي ٻولي | | | | ٿري ٻولي | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| گھوڙو | گھوڙي | گھوڙا | گھوڙن | گھوڙو | گھوڙي | گھوڙا | گھوڙان |
| هٿُ | هٿَ | هٿ | هٿن | هٿ | هٿ | هٿ | هٿان |
| هاٿي | هاٿيءَ | هاٿي | هاٿين | هاٿي | هاٿي | هاٿي | هاٿيئان |
| وڇون | وڇونءَ | وڇوُن | وڇُن | ٻڇو | ٻڇو | ٻڇو | ٻڇئان |
| راجا | راجا | راجا/راجائون | راجائن | راجا | راجا | راجا | راجائان |
| گھوڙي | گھوڙيءَ | گھوڙيون | گھوڙين | گھوڙي | گھوڙي | گھوڙين | گھوڙيان |
| ڪٽ | ڪٽ | ڪٽون | ڪٽن | ڪٽ | ڪٽ | ڪٽا تان | ڪٽان |
| سس | سس | سسون | سسن | ساسو | ساسو | ساسوئان | ساسوئان |
| ماءُ | ماءُ | مائون | مائن | ما | ما | مائين | مائيان |

اِن لاءِ ايئن ٿو لڳي ته ٿري ٻوليءَ تي مارواڙي ٻوليءَ جو گهرو اثر آهي.

صفتن جي حالت ۾ سنڌيءَ توڙي ٿريءَ ۾ ٻن قسمن جون صفتون ملن ٿيون هڪڙيون خود مختيار ۽ ٻيون پروس يا پابند صفتون. ٻئي قسم جون صفتون جيڪي فعلن مان ٺهن ٿيون، اُهي سنڌيءَ جي صفتن وانگر روپ نٿيون بدلائين جهڙوڪ :-

| سنڌي ٻولي | | ٿري ٻولي | |
|---|---|---|---|
| پريلُ گلاس | پريل گلاس | پريل گلاس | پريل گلاس |
| پريلَ گلاسَ | پريلن گلاسن | پريل گلاسان | پريل گلاسان |

ضمير پڻ اِسمن وانگر جنس، عدد ۽ حالت لاءِ

پاڇاڙيون ڳنڍي ڪم ايندا آهن: پر ائين سيني ضميرن سان لاڳو نہ آهي. ڪُجھ ضميرن ۾ پاڇڙيون ڳنڍي ڪم آڻبا آهن ۽ ڪي ضمير وري پنھنجيءَ اصولڪيءَ صورت ۾ ڪم ايندا آهن. ضمير خالص (Personal Pronoun) ۽ ضمير اشارو (Demonstrative Pronoun) ٻئي پاڇڙين ذريعي عدد ۽ حالت ڏيکارين ٿا. ضمير موصول (Relative Pronoun) ۽ ضمير جواب موصول (Correlative Pronoun) پاڇڙين ذريعي جنس، عدد ۽ حالت ٽنھي جو اِظھار ڪن ٿا. ضمير استفھام (Interrogative Pronoun)، ضمير مشترڪ (Raflexive Pronoun) ۽ ضمير مبھم (Indefinite Pronoun) بنا پاڇڙين ڳنڍڻ جي ڪم ايندا آهن. صرف ضمير استفھام (ڪوڻ) پاڇڙيون ڪم آڻيندو آهي.

**ضمير خالص**

| | | | |
|---|---|---|---|
| هون | مَ، مِي، مھان | اَسين | اَسان |
| تون | تہ، تيِ، تھان | توهين، اَوهين، اِيين | توهان، اَوهان، ايان |
| اي، او | اِيئي، اوئي | اي، او | اِيئان، اوئان |

**ضمير اشارو**

| | | | |
|---|---|---|---|
| اي، او | اِيئي، اوئي | اي، او | اِيئان، اوئان |

**ضمير موصول**

| | | | |
|---|---|---|---|
| جِڪو، جِڪيِ، جِڪي، جِڪيِ | | جِڪا، جِڪين | جِڪان، جِڪيان |

**ضمير جواب موصول**

| | | | |
|---|---|---|---|
| تِڪو، تِڪيِ تِڪي، تِڪيِ | | تِڪا، تِڪين | تِڪان، تِڪيان |

**ضمير استفھام**

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪوڻ، ڪوڻ ڪيھيِ | | ڪوڻ، ڪوڻ | ڪيھان، ڪيھيان |

هتي بہ مارواڙيءَ جو اثر صاف ظاهر آهي.

انگ ھڪ، ٻہ، ٽي وغيره اِسمن وانگر حالت ڏيکارڻ

لاءِ پنهنجو روپ بدلائيندا آهن. انگن تي به مارواڙيءَ ۽
گجراتيءَ جو اثر نظر اچي ٿو. (ٻُ) انگ ئي اهڙو آهي
جنهن ٿري ٻوليءَ ۾ آخر ۾ حرف علت نظر اچي ٿو.
انگن جي ڦيري جي باري ۾ هيٺ ڄاڻايل آهي :-

| منکر هيک | منکر هيکي | مونث هيک | مونث هيکي |
|---|---|---|---|
| ٻُ | ٻيئان | ٻُ | ٻيئان |
| ٽن | ٽيئان | ٽن | ٽيئان |
| چار | چاران | چار | چاران |
| پهلو | پهلي | پهلي | پهلي |
| ٻياجو | ٻياجي | ٻياجي | ٻياجي |
| ٽياجو | ٽياجي | ٽياجي | ٽياجي |
| چوٿون | چوٿين | چوٿين | چوٿين |
| پنجون | پنجوئين | پنجئين | پنجئين |

فعلن جي اِستعمال ۾ ٿري سنڌيءَ وانگيان پنهنجو
سٽاءُ جوڙي ٿي. فعل لازميءَ (Intransitive) جي حالت ۾ فعل
جو تعلق فاعل سان هوندو آهي ۽ اِن وانگر ئي سنڌس ڦيرو
پڻ هوندو آهي ۽ فعل متعديءَ (Transitive) جي لاءِ مفعول
موجب وهنوار ڪرڻ ضروري آهي. ساڳيءَ طرح فعل متعدي
معروف (Active Voice) ۾ فعل فاعل سان لاڳاپو ڏيکاريندو آهي ۽
فعل متعدي مجهول (Passive Voice) ۾ مفعول فاعل جي جڳهه
وٺندو آهي ۽ فاعل ڳجهو هوندو آهي. هيٺين مثالن مان
ظاهر ٿيندو ته سنڌيءَ ۽ ٿريءَ جي فعلن جي روپ ۾
ڪهڙو فرق آهي :-

| زمان حال | | زمان ماضي | | زمان مستقبل | |
|---|---|---|---|---|---|
| هون هلان تو | اسين هلان تا | هون هليو | اسين هليا | هون هليس | اسين هلسان |
| تون هلين تو | توهين هلو تا | تون هليو | توهين هليا | تون هليس | توهين هلسو |

اوهلي تو    او هلين تا    او هليو    او هليا    او هلسي    او هلسين

سنڌيءَ ۾ فعل جي روپ ۾ (ڻ) هوندو آهي ۽ ٿريءَ ۾ به سڳيءَ طرح (ڻ) هوندو آهي. پر سنڌيءَ ۾ (ڻ) پٺيان حرف علت (اُ) به هوندو آهي جڏنهن ڪِ ٿريءَ ۾ اِهو حرف علت نہ ايندو آهي. تنهن کان سواءِ ٿريءَ ۾ فعل جو روپ (اڏاٽو)، (ڀڏاٽو)، (ڦراٽو) وغيره زمان ماضيءَ ۾ هيٺئين نموني ڪم ايندو آهي مثال طور 'اي نئون ٻڪوٺ اڏاٽو آهي (اڏيو آهي)': 'ايِ ٻڪوٺ نئون ڀڏاٽو آهي (ڀڏيو آهيْ)': 'ٻڪوٺ ڦراٽو آهي (ٻڪوٺ ڦريو ويو آهي)'.

(وَهڻ) فعل جو استعمال بہ (هلڻ) جي معنيٰ ۾ ٿيندو آهي. جئن تہ 'وراند تائين هتي ٿيو هو، پڇ وَهيو ڏيپلي (ٿپهريءَ تائين هو هتي هئو پوءِ هليو ويو ڏيپلي)'.

ٿري ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا بہ فعل آهن، جهڙوڪ (جاڻ) جيڪي راجستان ۽ گجراتي ٻولين جي سٿاءَ موجب هلن ٿا.

فعل معاون (.Aux) 'هئڻ' جيڪو ٻين فعلن سان گڏجي ڪم ايندو آهي، ان جي استعمال ۾ سنڌيءَ ۽ ٿريءَ ۾ فرق هيٺئين مثال مان معلوم ٿيندو.

| سنڌي | ٿري | | |
|---|---|---|---|
| آهيان. آهيون | آهان آهين | | |
| آهين، آهيو | آهين، آهو | | |
| آهي، آهن | آهي، آهين | | |
| هوس، هئس | هتو، هتيِ | هئاسين، هيونسين | هتا، هتين |
| هئين، هئيئن | هتو، هتيِ | هئا، هيون | هتا، هتين |
| هو، هئيِ | هتو، هتيِ | هئا، هيون | هتا، هتين |
| هوندس، هونديس | هوئيس | هونداسين، هونديونسين | هوئسان |

۾ ٿرين جي وھنوار چاھي ڪاڏ خوراڪ جي باري ۾ ورڻن ڪيو آھي. ٿر جا ٽي حصا آھن - ڪاڻ، پاٽر ۽ ڍٽ. اِنھن ٽنھي جي باري ۾ شاھ صاحب فرمائين ٿا.

ھن منڊ مارو سنرا، 'ڪاٺر' ۾ خوشحال.
سَتيءَ سيئي ساريا، 'پاٽر' جا پھنوار
ڪِھَ مانڌاٽو، مڪٽي، ڍوئين پاسي 'ڍٽ'

ٿري مال سان گڏ جڳھ جڳھ گھمندا رھن. جتي مال لاءِ گاھ وغيره ڏسن اُتي ٽاٽو ڪري وھن.

جُھڙ ڦُڙ جت ٿيا، اُت اڏيا ئون پکڙا

ٿر جا ماڻھو سچو ڏينھن مال پٺيان جھنگ ۾ گذارين ۽ رات جو گھر موٽي اچي ڪچھريون ڪن.

ڏينھان ڏورن ڏٿ سين، راتيون ڪن رھاڻ

شاھ عبداللطيف ٿورڙن لفظن ۾ ٿر جو سمورو نظارو اکيان آڏي بيھاريو آھي.

ٿر ٿوھر، گھر جھوپڙا، پارڻ جَنين پوُھ،
اُٺا مينھن مليرتي، ٽھڪي اُٿيا ٿوُھ،
رات بہ منھنجي روح، سيئي سڄڻ ساريا.

ٿر جي گاھ جي قسمن جو ورڻن اجھر ھن ريت ڪيو آٿن.

آٽين ۽ چاڙھين 'ڏٿ' ڏھاڙي سومرا!
سٿا ڪيو سيد چئي، 'سانئون' سڪائين،
منجھان 'لنب' لطيف چئي، چانور ڪيو چاڙھين،
پلاءُ نہ پاڙين، عمر! 'آراڙيءُ' سين.

ٿر ۾ ڏينھن تہ تمام گرم ٿئي، پر رات جو واري ٿڌي ٿئي تہ اُن ۾ ليٽڻ سان تن من ٺري پوي.

ٿڌي مٽي ٿر جي، ولھيءُ وسائج

جي اوڙڪون اچن تہ زمين مان جيڪا ھيڪار اُتي سا

هنڌين ماڳين ڦهلجي وڃي.
پسو جا پٽن ۾، ڪٿوريءَ خوشبوءِ

شاهه لطيف جي ڪلام مان ڪجهه سٽون هي به آهن جيڪي
ٿرين جي حالت جو ذڪر ٿيون ڪن

منهنجو هينئڙو سنگهارن ساري

هوءِ جي ويجها رهن وس ڪي

مران شال ملير ۾ گولن سان گذاري

آءٌ ته اکين اُگهان، جي پارئو ڏنءِ پير

آئون جيئندي ڪيئن؟ ڄُ ان ٿر وڃي ٿاٽا ڪيا

ٿر ٿر اندر ٿاڪ، عمر! ماروئڙن جا
لاٿائون لطيف چئي، مٿان لوئيءَ لاڪ

ٿر ٿر اندر ٿانءُ، ونهين ويڙهيچن جو

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙ ٿيام
اباڻين جي آسري ڪتي ڪان ڪيام
جا ڍِٽ ڍِ ڪيام، تهجو پرور پن رهائين

ورسي وطن چائيون، صحرا سترجن
گولاڙا ۽ گگريون، اوچڙ اباڻن
ويڙهيا گهمن وليين جهانگي منجهه جهنگن

مونکي مارونئڻ، ساڄ ٻڌائي سيج ۾

کارا کيڙ ڏيھ ۾، ٻياواريءَ منجھ وٿاڻ

منھنجي تور تلين ۾، ڇيھاٿو چاري
ڍاٽي ڍٽ ڏاري، آھم اٺي مينھڙي

لوئيءَ ۾ لائون، مون مارن سين لڌيون
کاڄ کٿيرين سفرو، سگر ۽ سائون
ساکيئن کائي کارکون، جنھن کي ڏونرا ڏاڄ ڏنائون
مانڌاٽو ۽ مکٽي، قوت جنھن جو سائون

اھڙيءَ طرح ٿري ماڻھن جي رهڻ جون جڳھيون - پٽون، اُتي جا وڻ ٽڻ، اُتي جاگاه، ٿري لوڪن جو کاڄ، اُنھن جي اُٺڻي ويھڻي، اُنھن جا راڳ رنگ وغيره سڀئي نرالا آهن ۽ انھن سڀني جو ورڻن ڪرڻ لاءِ لفظ بہ پنھنجا آهن. هيٺ ٿري ٻوليءَ جا ڪي چونڊ لفظ ڏنا ويا آهن.

| | | |
|---|---|---|
| آڏي ڪيڏي | - | فصل ڪري پوڻ |
| آڙنگ | - | اُتر کان ڪڪرن جو اچڻ |
| ائنڻ | - | پيرن ۾ ڪڪرا پئجي وڃڻ |
| اُيراٽو | - | پيرين اُگھاڙو گھمڻ |
| اَٿائو | - | پرڻ |
| اپلاٽو | - | اُٺ تي سواري ڪرڻ جو نمونو |
| تلسر | - | ڏهرن جي سخت زمين |
| تلي | - | پٽن جي وچ وارياسي ٿورڙي زمين جو ٽڪر |
| ٿارو | - | وڏي پٽ تي چڙهڻ لاءِ اڌ گول رستو |
| ٽپري | - | آباديءَ لائق پٽن جي وچ ۾ گولائيءَ سان سخت زمين |

ٿويا - ننڍا ڪتا
ٽيلاسو - اُٺ تي ٽن ڄڻن جي سواري
پاهيو - دروازي جو پاسو
پاساڙو - پٽ جو پاسو
پرويٽ - لوڙهي اندر مال جو واڙو
پگڙيون - ڏاڪا
پٺارو - پاڻي رڱڻ لاءِ ڇاپرو
پوٿو - اڇي مٽيءَ جو ليپو
پوچانبو - پٽ جو پاسو جو آهستي آهستي هيٺا هون ٿيندو ويندو آهي.
جانڪر - صبح جي ماني
جهارو - صبح جي ماني
چڙسي - کوهه مان پاڻي ڪيڻ لاءِ کل
ڇاڏهول - ڇسي يا ڪولي عورت
ڇنيڻ - در مٿان رکيل ڪاٺي
ڏُڪاڻ - مهمانن لاءِ ڏارچونرو يا ڪڙهه
ڏانگڙو - انبلٽ
ڍرتاڻ - پٽ جي لاهي
ڍرهاڻ - پٽ جي لاهي
رابڙيو - پسيءَ، ٻاجهريءَ ۽ ڦوگيسيءَ مان ٺهيل پاڇي
ڪٽينگڻ - سنياڻ
ڪُرس - واريءَ ۾ پيرن جي اندر وچڻ سان زمين ۾ ڪٽو ٺهي پوڻ
گوڏيا - اُٺ جي گوڏن تي پرت پريل ڪپڙي جو ٽڪر
گوربند - اُٺ جي سيني تي پرت پريل ڪپڙي جو ٽڪر
ماهيلي - زال، گهرواري
ميڙهي - ماڙي
وڇاٽا - وڇائڻ لاءِ ڪپڙو
هاڏو - ڪانءُ

هتي ڪجھ مثالي ٽڪرا ڏيان ٿو جن مان سنڌيءَ ٿوڙي ٿريءَ جي وچ ۾ فرق معلوم ٿي سگهندو، پڻ ٿريءَ جي سٽاءَ جي ڄاڻ پئجي سگهندي.

## سنڌي

### لالچ جو ڦل

هڪ ڳوٺ ۾ مينهن پيو ئي نہ ٿي. واهہ سيئي سڪي ويا هئا. ڳوٺ ۾ ساچوءَ ڌنو ٻہ ٻڪرار هئا، جنهجون ٻڪريون بکہ تي ميون. هو روز ڀڳوان کي پرارٿنا ڪندا هئا تہ،'' اي ڀڳوان، مينهن وساءِ! '' هڪڙي ڏينهن هڪڙو لڪڙيءَ وارو پيرو فقير آيو ۽ چيائين، '' توهين روز ڀڳوان کي ياد ڪندا آهيو. هاڻي جيڪي گهرجيو، اهو گهرو.'' ساچوءَ چيو تہ،''سائين! مونکي ٻنيءَ ۾ اهڙي کڏ گهرجي، جنهن مان هميشه پاڻي پيو وهي.'' فقير لڪڙي هنئي تہ پاڻي وهڻ لڳو. ڌني چيو تہ،''سائين! مونکي هڪڙو درياءُ ڏيو، جنهن ۾ ڇوليون پييون اُٿن.'' فقير لڪڙي هنئي تہ درياءُ وهڻ لڳو. اُن بعد فقير غائب ٿي ويو. ڌني ڏاڍا وڪا ڪيا پر درياءَ ڌني جي ٻنيءَ ۽ ٻڪرين کي ٻوڙي ڇڏيو. اِهو آهي لالچ جو ڦل.

## ٿري

### لالچ رو ڦر

هيڪي گان مين ميہ پيوئي ڪون تي. واهہ سڄائي سُڪي گيا هتا. اُت ساچو ن ڌنو ٻُ ٻڪرار هتا، جڪان رين ٻڪرين بکہ تي مرين. او روج ڀگوان نا سئال ڪرتا هتا ڪ،''اي ڀگوان ميہ وسا! '' هيڪي ڏينہ هيڪ پورهو ڦڪير گيڏيي وارو آيو ن ڪهيو،'' ابهين روجانو ڀگوان نا جاد ڪرو تا. هوي جڪي کپي او منگو.''ساچو ڪهيو،'' سائين! منا کيتر مين ايهري کڏ کپي جڪي مان هميسا پاڻي پئو آئي.'' ڦڪير گيڏي هٽي تو پاڻي آڻ لگو. وري ڌني ڪهيو،'' سائين! منا هيڪ دريا ڏي جيڪو اُڇلاڻ پئو ڪائي.'' ڦڪير لٺ هٽي تو ڌني ري کيتر مين دريا وهڻ لگو. ڦڪير پڇي گم ٿئي گيو. ڌني ڏاڍين رڙين ڪرين پڻ دريا ڌني ري کيتر ن ٻڪريان نا ٻوڙي ڇڏيا. اِهو اَهي لالچ رو ڦر.

## سورج

جتوٽڪ سورج رکيو آڪاس مين گيو اَهي، توٽي پڻ جمين ري اُپڪار لا. او ئي ري ٿاهڻ واري اوئي نا ايهري ڇيٽي تي پيہچاريو اَهي، جڪو اسان يا سڄائي ڪارج سڌ ٿين تا. ڏاڍي اٽڪل ويڙهايوري اَهي. سورج هنا جٿ پيہچاريو اَهي، اوئي اون جي پرهو هوئي ها، تو جمين جمي ٻرق

